رَوضِ عشق

(ليليٰ مجنون۔ هير رانجهو عشقيه داستان)

فقير عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحمة الله عليه

مرتب

ميرزا فتح علي بيگ شاهد

رَوضِ عشق

(ليليٰ مجنون- هير رانجهو عشقيه داستان)

فقير عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحمة الله عليه

مرتب
ميرزا فتح علي بيگ شاهد

ناشر
بيدل يادگار ڪاميٽي
١٤٣٠هه/2009ع

ڪتاب جو نالو: روض عشق
شاعر: فقير عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحمة الله عليه
مرتب: ميرزا فتح علي بيگ شاهد
ڪمپوزنگ: فهيم احمد سولنگي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: بيدل يادگار ڪاميٽي

ملهه: 60.00 رپيا


رابطي لاءِ

اختر درگاهي
سيڪريٽري
بيدل يادگار ڪاميٽي
درگاهه بيدل بيڪس
روهڙي



فهرست







روضِ عشق

هي ڪتاب سنڌ جي معروف صوفي شاعر ۽ نثرنگار فقير عبدالقادر بيدل ﷫ جي چيل ليليٰ مجنون ۽ هير رانجهو جي منظوم عشقيہ داستان متعلق آهي. اهي ٻيئي داستان فارسي زبان ۾ صنعتِ قطعہ ۾ چيل آهن. اهي قطعات پنهنجي نوعيت ۾ بي مثال آهن. بيدل ﷫جي شاعري بابت سنڌ جي جِن مفڪرن ۽ دانشورن خيال آرائي ڪئي آهي اُها اسين مقدمہ ۾ جاڻائي آيا آهيون اُميد تہ اهي سونهري حرف هر دور جي طالب علمن ۽ محققن لاءِ مشعل راه بڻبا.

اهو رب پاڪ جو شڪر آهي جو اُن بيدل يادگار ڪميٽي جي واسطيدارن کي اها طاقت عطا ڪئي آهي جو پوري ڪوشش سان بيدل ﷫سائين جا افڪار سندس چاهيندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب پيا ٿين.

بيدل ﷫فقير جي ذات ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي ليڪن اگر ڪو اديب ۽ شاعر پاڻ کي ادبي دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ چاهي تہ هو بيدل ﷫جي نظم و نثر کي ٻين ٻولين سان تعلق رکندڙ صاحبان علم تائين پهچائيندو تہ يقيناً اُن منزل تي پهچندو جيڪا وڏي جاکوڙ کان پوءِ حاصل ٿيندي آهي.

سيد عبدالحسين شاهہ موسوي صاحب پنهنجي بزرگن جي نقش قدم تي هلي جيڪا جفاڪشي ڪندي بيدل ﷫ جا نوادرات عوام تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشش ۾مصروف آهي اُها



قابل صد تحسين آهيٰ. پاڻ ۾ سندس رفقائي ڪار جن ۾ جناب اختر درگاهي صاحب سر فهرست آهي. سنڌ ۾ سنڌي ادب جا محسن آهن.

عشق، حياتِ انساني جو هڪ اهڙو سدا بهار باغ آهي جنهن ۾ خزان جو گُذر ناممڪن آهي. انهي ڪري اسان ڪتاب جو نالو ”روضِ عشق“ مقرر ڪيو آهي. ”روض“ عربي زبان جو لفظ آهي جيڪو حرف ”رَوضہ“ جو جمع آهي. رَوضہ معنيٰ باغ، سبزه زار ۽ رَوض معنيٰ باغ. جيئن تہ هي بہ داستان ڪتاب ۾ آيل آهن ان ڪري اُن حرف جو سهارو ورتو ويو آهي جيڪوجمع جي صيغہ ۾ اچي ٿو يعني روض.

اسان جي هي محنت اُميد تہ عاشقن وٽ ثاب پوندي ڇو جو اِهوئي سندن دل جو بہ آواز آهي.

ٽنڊو آغاز حيدرآباد
20 اپريل 2009ع

فتح علي بيگ ميرزا



نشانِ زندگي

سنڌ جي عالمي شهرت حاصل ڪندڙ شاعرن ۾ فقير عبدالقادر بيدل هڪ نمايان مقام رکي ٿو. پاڻ جنهن گروه جو شاعر آهي اُن جو استاد الشعرا حضرت سيد عبداللطيف شاه ڀٽائي ﷫سردار آهي جنهن جي بيتن وغيره سان گڏ سنڌن نقشِ قدم تي هلندڙ شاعرن جو ڪلام بہ خاص و عام جي زبان تي رهي ٿو.

فقير عبدالقادر بيدل سال ١٢٣٠هہ/1815ع ۾ جڏهن هن عالم فاني جي زمين تي پير پاتو. تنهن ويل سنڌ جو ٽالپر بادشاهہ ميرڪرم علي خان ٽالپر ولد مير صوبدار خان ٽالپر هو. جيڪو ٽالپر گهراڻي جو پهريون شاعر بادشاهہ هو جنهن جو سمورو ڪلام فارسي زبان ۾ آهي جنهن کي انجمن فارسي اسلام آباد شايع ڪرايو. سندس عهد حڪومت ۾ علم و ادب جي اهميت متعلق ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي پنهنجي هڪ مضمون ”ميرن جي دور جو علمي ادبي جائزو“ ۾ لکيو آهي تہ:

مير صاحبان وڏا علم دوست هئا، ۽ شعر و شاعري سان سندن بيحد دلچسپي هئي. هو پاڻ بہ شعر چوندا هئا ۽ شاعرن ۽ عالمن جو وڏو قدر ڪندا هئا.[1] هن مختصر الفاظن مان ان وقت جي علم ۽ عالمن جي قدرداني جي خبر پوي ٿي ۽ جڏهن مير ڪرم علي خان ٽالپر هن جهان کي الوداع چئي ٿو تہ اهو سال ١٢٤٤هہ آهي يعني ان وقت بيدل ﷫ جي عمر تقريباً ١٣/١٤ورهيہ ٿئي ٿي. اها ئي اُها عمر آهي جنهن ۾ قدر تي ذات

[1] رسالو نئين زندگي سيپٽمبر 1986



مليل عالم پنهنجي تعارف لاءِ ڪڏهن شعر چوندا رهن ٿا تہ ڪڏهن جڳ مشهور شاعرن جا شعر پڙهي اُن جو تفسير ائين بيان ڪن ٿا ڄڻ تہ اهو شعر هن جو ئي ناهيل آهي يا پاڻ اُن وقت موجود هئا جڏهن هي شعر چيو پيو ويو.

اِها هِڪ فطري ڳالهہ آهي تہ اولاد پنهنجي مائٽ جي زندگي جي آرسي هوندو آهي. خاص ڪري جيڪي صاحبِ علم عرفان جي منزل تي رسائي حاصل ڪندا آهن اُهي اهو ئي چاهيندا آهن تہ سندن اولاد ۾ ڪو اهڙو ضرور املهہ ماڻڪ پيدا ٿئي جيڪو خلق خدا جي خدمت ۽ انسانيت جي اهيمت جو پرچار ڪندڙ هجي.

تنهن ڪري هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ بيدل ؒ جو والد فقير محمد محسن درويشن جي صحبت ۾ رهي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي باوجود هُن اهو ميدان پنهنجي فرزند بيدل ؒ لاءِ ڇڏيو جنهن واقعي حياتيءَ جون منزلون طئي ڪندي سنڌي ادب کي مختلف عنوانن تي ڇيل نظم ۽ نثر جو اُهو يادگار ذخيرو ڏنو آهي جنهن ۾ سنڌ جا تمام گهڻ شاعر ياڳي پائي آهن.

بيدل ؒ جي ڪلام ۽ سوانح تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي پر اسان فقط هنن ڪتابن مان بيدل ؒ جي ڪلام تي ڪيل خيال آرائي پيش ڪيون ٿا.

1ـ سنڌي شعر جي ڪسوٽي ليکڪ پروفيسر لوڪو مل درياهي سنگهہ ڪيسواڻي. ڇپائيندڙ غلام محمد شاهواڻي هيڊ ماستر نور محمد هائي اسڪول حيدرآباد سال 1946ع

هِن ڪتاب ۾ بيدل ؒ متعلق 96 صفحن تي حياتي ۽ ڪلام تي تبصرو ڪيل آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ لکيو ويو آهي تہ "هي صاحب (پروفيسر ڪيسواڻي) هن نامڪنئي درويش جي ساراهہ ۾ ڪونہ اڇي ڇنڪيو آهي، پر سندس شعر جون خوبيون توڙي خاميون پڙهندڙن اڳيان ڇٽيءَ ريت پيش ڪيون اٿس.



بيدل ﷫ جي تصوف جي منزل:

”بيدل صاحب درجي بدرجي تصوف جا سڀ ڏاڪا چڙهي وڃي مقصد جي چوٽ تي رسيو ۽ توحيد جو راز پوريءَ طرح پروڙيائين.“

شاعري:

فقير بيدل پنهنجي روحانيت جا راز پنهنجي دلچسپ ۽ رنگيلي شعر ۾ قلم بند ڪيا آهن. سندس نظم سندس جذبي ۽ احساس جو سچو اظهار آهي.

مثال:

نهين حاجت پڑهڻ پڑها وڻ دي سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي
اڪران دي وچ جوئي اڑيا عشق دي چاڑهي مول نہ چڑهيا
اثباتي دا علم جو پڑهيا موج انهان سر، سانوڻ دي

روهڙيءَ شهر جي ساراهه:

زہے لہری کہ چوں جنات عدن است سراپا مجمع آرام و اَمن است

بيدل ﷫ نئين ٻوليءَ جو موجد:

اڪثر ڪري سندس سنڌي غير رواجي آهي. سرائڪي لاڙيچڪي، پنجابي، هندي، اردو، فارسي، عربي سيني ٻولين جا شبد آزاد نموني ۾ پنهنجي شعر ۾ ايڪاگر ڪيا اٿس. خاص ڪري سرائڪي ۽ پنجابي لفظ، محاورا ۽ نحوي بناوتون چوٽ طرح ڪتب آندا اٿس مختلف پرڳڻن جي شاعرن جا ڪتاب پڙهيائين . جدا جدا پرانتن جي سالڪن ۽ عاشقن سان ڏيٺ ويٺ ٽيس ۽ ساٺن ڪو عرصو لهه وچڙ ۾ رهيو اهڙي طرح پنهنجي واقفيت جو دائرو وڌائي وسيع ڪري نج سنڌي ڪي هڪ رنگارنگي روپ ڏنائين . هڪ غير رواجي سنڌي ٻولي رچي اُن ۾ پنهنجي ڪلام ڪي قلمبند ڪيائين. ان ڪري سندس سنڌيءَ



كي هڪ نرالي چھر ۽ دلچسپي آهي."

2_ تذڪرو (سنڌ جي شعر و شاعري جي تاريخ) جلد ٽيون
مصنف: لطف الله بدوي ڇپائيندڙ: آر ايچ احمد برادرس
حيدرآباد سال 52_1953ع

هِن ڪتاب جي صفحه 201 ڪان 248 تائين بيدل ﷫جي حياتي جو احوال ۽ مخصوص ڪلام ڏنل آهي. بيدل ﷫جي شاعري بابت هن حقيقت لکي آهي جيڪا هن ريت آهي.

"بيدل سائين جي تصنيفات جي ذڪر ۾ سندس شاعريءَ تي مفصل لکيو اٿم، مگر دل گهري ٿي تہ اجا ڪجھ لکان. فقير صاحب سنڌي،سرائيڪي، هندي، پارسي ۽ عربي جو قادرالڪلام شاعر هو اگرچہ شاعر جو لفظ ساڻس منسوب ڪرڻ خطا ٿي معلوم ٿئي. ڇو تہ سندس پارسي شعر سچو حڪمت الاهي سان پريل آهي. سندس شعر جي هر هڪ سِٽ هدايت آهي.سنڌي يا هندي شعر ۾ بہ اهوئي فڪر ۽ اجتهاد آهي،جنهن ڪري ڪيس مفڪر چئجي تہ بہ بجا آهي پنهنجي شعر ۾جتي تصوف جي هر نُڪتي تي عالمانہ سمجهاڻيون ڏنيون اٿس اُتي علم اخلاق جا بہ درياهہ وهايا اٿس."

3_ ديوانِ بيدل، مؤلف عبدالحسين شاه موسوي، ڇپائيندڙ:
سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سال 1954ع

موسوي صاحب بيدل ﷫جي غزل گوئي جي باري ۾ لکي ٿو:
ايران ۽ هندوستان جي فارسي ۽ اردو شاعرن گهڻو ڪري معشوق جي حسن جي تعريف سان گڏ سندس ناز بيوفائي، ظلم، ستم، جور ۽ جفا جي بہ شڪايت ڪئي آهي، پر بيدل جي ڪلام ۾ شڪوه شڪايت جي بوءِ بہ ڪانهي. البت عشق جو اظهار ڪيو اٿس، ڇاڪاڻ تہ عشق کي نعمت سمجهي ٿو ۽ عشق جي تلقين ڪري ٿو.

اسين مثال ٿا پيش ڪريون.



عشق سندو آثار نڪي ڳجهو رهندو.
بره سندو بيمار نڪي ڳجهو رهندو

ديد بازن کي جڳ ۾ جائي. عشق ڪندو اظهار
بيدل عشق کي عار نہ جاڻج. ڏينديءِ مرد ميار
عشق دي حالت جنهن سر آئي، ڪرسي هميشہ وحدت وائي
عشق اناوي حجاب "هو" دا. سر صحي سمجهاوي
بيدل برهہ دي کيل تون بازي، پيچ طلسم دوئي دا غازي
عشق دا تکڙا تاب. ڪثرت نون هڪ پل وچ کاوي

عشق مرثيہ جو جُزو لاينفق آهي. ڇاڪاڻ تہ مرثيہ جيلغوي معنيٰ اها ڪئي وئي آهي تہ اُهو شعر جنهن ۾ مرڻ واري جاگُڻ اهڙي انداز سان بيان ڪيا وڃن جو ٻُڌندڙن جي دل تي اثر ڪري. اسان جي خيال ۾ اُهوئي مرثيہ ڪامياب آهي جنهن جي هڪ هڪ حرف مان عشق پنهنجو مُکڙو ايئن پَسائي جو ٻُڌندڙ يا پڙهندڙ اِن حقيقت تائين پهچي تہ جنهن جي ياد ۾ مرثيہ چيو ويو آهي اُهو سندس سامهون موجود آهي ۽ اهو عنصر اسان کي بيدل رح جي چيل اُن مرثيہ ۾ ملي ٿو جيڪو هن غلام محمد جي ڏُک ۾ آلاپيو آهي هي مرثيہ عربي زبان ۾ چيل آهي جنهن جو ترجمہ اصل اشعار سان ديوان بيدل جي صہ 34_35 تي ڏنل آهي. ترجمہ سيد عبدالحسين شاه موسوي صاحب اهڙو تہ پردرد انداز ۾ ڪيو آهي جو شايد ئي ڪو اهڙو ترجمہ ڪري سگهي ها.لهذا اسين اُهوئي ترجمہ ڏئي رهيا آهيون.

1_ اي منهنجا پياءُ تون ڪٿي آهين. آئون ڪٿي آهيان، بيشڪ زماني اسان جي وچ ۾ جدائي وڌي آهي.
2_ اسان کي تنهنجي جدائي جي طاقت (سهڻ جي) نہ آهي، پر قادر جي رضامندي کي اسان قبول ڪيو (راضي رهيا سون).
3_ هڪ زمانو (ڪو وقت هو جو) تون اسان سان اُنس ڪندڙ هئين، (محبت وندبيندڙ هئين) هاڻي تون اسان سان فقط تصور ۾ آهين يعني فقط اسان کي سنديءِ رڳو خيال رهيو آهي.



4_ جدائي جي ڏينهن کان وٺي منهنجي اک مان سنڌءِ فراق (وڇوڙي) سبب ارمان ۽ غم جا ڳوڙها جاري آهن.
5_ مون خيال ڪيو (ڀانيو) تہ ٿون آسان کان جدا نہ ٿيندين، پر تون اوچتو اسان کان ڌار ٿي وئين.
6_ توکان پوءِ مونکي زماني امتحان وٺندي (آزمائيندي) غمن جا تير اُڇلائي هنيا.
7_ مون کي طاقت نہ آهي اُن زندگيءَ جي ڪشادي ڪرڻ جي جيڪا مون تي تنگ ٿي ويئي آهي، اُن حال (حالت) جي ياد ڪرڻ سان، جنهن ۾ اسين گڏ هئاسون.

بيدل ﷫ کي فن تاريخگوئي ۾ تہ ڪمال حاصل هو ليڪن صنعت اقتباس (اُهو شعر جنهن ۾ قرآن مجيد جي ڪا آيت يا جزو آيت يا وري ڪا حديث نبوي ﷺ بيان ڪيل هجي) ۽ صنعت عقد (اُهو شعر جنهن ۾ قرآن مجيد جي آيت، حديث نبوي ﷺ، ارشادات آئمہ معصومين يا ڪنهن مفڪر جو قول اٿين نظم ڪيل هجي جو پڙهندڙ کي ڄاڻ پوي تہ آيت آهي يا حديث، ارشاد آهي يا قول) کي نظم ڪرڻ ۾ پاڻ مڃايو اٿس. ڪيترن ئي شعرن ۾ اهي صنعتون موجود آهن. مثلاً حضرت علي عليہ السلام جي ارشاد: "سلوني قبل ان تفقدوني" ترجمہ: (جيڪي: پڇڻو هجيو پڇيو ان کان اڳ جو آئون اوهان کان هليو وڃان) فقير صاحب مذڪوره ارشاد ڏانهن هيئن اشارو ڪيو آهي.

سَمجهہ سراسر سِر سَلوني
آهـيـن تـــون نـور نيارو_

حضرت امام علي جي ارشاد: مَن عَرَفَ نفَسہ فَقَد عَرَفَ رَبہ (جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو) کي هيئن بيان ڪري ٿو:

مَن عَرَفَ جو ڪر نظآرو
بـيـدل اڪـــڙيـون کـول



قرآن مجيد جي آيتن مان استفاده:

اُونهي هِنَ اسرار جي جنين پُرجهي مام
وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ[1] آيا ۾ آرام
عارف ٿيا عَلام، بيخودي باب پڙهي
(وحدت نامہ بيت 32)

سدا ڪن سبحان جي منجهان پرت پچار
وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى[2] عارف اِن آچار
ٿنين جي تنوار، جَڏا رُوح جياريا
(وحدت نامہ بيت 39)

هَمہ کي هڪ ڄاڻ تون، تنهن ۾ شڪ نہ ڄاڻ
ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيهِ[3] هر جا حق سڃاڻ
جاڏي ڪاڏي ڄاڻ، موجودي محبوب جي
(وحدت نامہ بيت 56)

مرڻئون اڳي جي مَرين، تہ مُئو چوندءَ ڪين
وَلَاتَقُوْلُوْالِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ[3] سڄ ساڻ يقين
قربدار ڪڏي نہ محبت وارو مات ٿئي
(وحدت نامہ بيت 72)

طهورا تحقيق جو جَنين پيتو جال
وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا[4] نانگا ٿيا نهال

---

[1] سوره بقر آيت 62 ترجمہ: ۽ نہ (قيامت ۾) هُنن تي ڪنهن قسم جو خوف هوندو ۽ نہ رنجيده هوندا-

[2] سوره نجم آيت 3ترجمہ: ۽ هو تہ (پنهنجي) نفساني خواهش سان ڪجهہ ڳالهائي ئي نہ ٿو-

[3] سوره بقره آيت 2 ترجمہ: هي اُهو ڪتاب آهي جنهن ۾ شڪ جي گنجائش نہ آهي

[4] سوره بقره آيت 54 ترجمہ: ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ ماريا ويا اُنهن کي ڪڏهن مُئل نہ چئجو بلڪ (اهي ماڻهو) جيئرا آهن مگر توهين (انهن جي زندگي جي حقيقت جو) ڪجهہ بہ شعور نہ ٿا رکو.

[5] سوره دهر آيت 21 ترجمہ: ۽ هنن جو پروردگار هُنن کي نهايت پاڪيزه شراب پيياربندو-



حاصل ڪري حال، قالئون چُڪا ڪاپڙي
(ابيات سنڌي بيت 20)

بيدل فقير جي تصنيف وتاليف متعلق جيڪا خيال آرائي سيد عبدالحسين موسوي، ديوان بيدل جي ص88 تي ڪئي آهي آسين بہ اُن ئي خيال جا حامي آهيون۔شاه صاحب لکي ٿو:

”فقير صاحب متضاد خوبين جو مالڪ هو۔ جيڪڏهن هو عاشق هوتہ ساڳئي وقت هڪ زبردست عالم بہ هو۔هڪ طرف محبت ۾ مستانو هوتہ ٻئي طرف شرعي علم ۽ فقہ ۾ فرزانو هو۔صوفي هو پر شريعت جي حڪمن جو پورو پورو پابند هو۔شاعر بہ هو ۽ نثر نويس بہ۔ سندس سوانح حيات جي مطالع ڪانپوءِ تصور بہ مشڪل تي پوي ٿو تہ هِن بزرگ ڪيئن عشقيہ زندگي کي گذاريندي علم طب، انشا پردازي، علم فقہ ۽ تصوف جي نُڪتن ۽ دقيق مسئلن بابت ڪتاب لکيا هوندا۔“

اها حقيقت آهي تہ فقير بيدل جيڪي ڪجهہ لکيو آهي اُهو اُن عشق حقيقي جو معجزو آهي جيڪو هِن کي قدرت کان مليل هو۔اگر زير نظر ڪتاب ۾ ٻنهي قصن هيرُ رانجهو، ليليٰ مجنون کي دل سان هنڌائي پڙهبو تہ اسانجي مٿين دعوي جو دليل سامهون اَچي ويندو۔

ليليٰ مجنون

ليليٰ مجنون سرزمين عرب جي عشقيہ واقعن مان هڪ اهڙو واقعو آهي جنهن جي اڄ بہ شهرت آهي۔ هن داستان جو تعلق قيس بن ملوح بن مزاحم معروف بہ مجنون سان آهي جنهن جي وفات جو سال ٨٠ هجري آهي[1] جنهن مان ظاهر آهي تہ حضرت

[1] بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر: مشهور سنڌي قصا (ٻاهريان قصا ۽ عشقيہ داستان)، ص21



امام علي ابن الحسين عليه السلام جي عهد امامت ۾ قيس جهنگن ۽ بيابانن جي واري سرتي وسائيندو عشق جي چوٽ جي سَٽَ نہ سهي پاڻ تہ دنيا مان هليو ويو مگر سندس ناڪام عشق جو افسانو سندس ئي عشق جي مشهور قصہ کي بيان ڪندڙن کي ادبي دنيا ۾ ائين تہ روشناس ڪرايو جڻ ڪہ اُهي شاعر۔سندن شاهڪار ۽ ليليٰ مجنون هڪ ٻي جي لاءِ لازم و ملزوم آهن ۽ رهندا۔

هي واقعو عربي زبان جي ڪتاب اعلام النساءِ، ج٣، ص ١٣٧٢ کان ١٣٧١ تائين درج ڪيل آهي جڏهن تہ فارسي زبان جي شاعرن هن قصہ کي ايتري اهميت ڏني جو هر يگانہ روزگار شاعر اُن کي پنهنجي ڪلام جو طره امتياز بنايو

علي اڪبر دهخدا جي لغت نامہ ۾ لفظ 'ليليٰ' جي معني هيءَ آهي

ليليٰ (ل لا) (اخ) بنت سعد بن ربيعة معشوقہ قيس بن ملوح بن مزاحم معروف بہ مجنون ليليٰ۔


اردو دائره معارف اسلاميہ [1] ۾ لفظ 'مجنون'جي معنيٰ:

مجنون: عربي، فارسي، ۽ ترڪي ادبيات ۾ المجنون يعني اُهو شخص جنهن تي جنن جو سايہ هجي۔ "ديوانہ" جو لقب خاص طور تي قيس بن الملوح (ٻين راوين جي نزديڪ هِن جي پيءَ جو نالو مُعاذ هو) جي لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو۔يعني بَنو عامر بن صعصعة جو مجنون جنهن جي ليليٰ سان عشق جو افسانہ تمام اسلامي دنيا ۾ مشهور آهي هي ليليٰ بنت سَعد بہ انهي قبيلي جي هڪ عورت هئي، چيو وَيجي ٿو تہ قيس ٨٠هہ جي قريب فوت ٿيو۔

مجنون لفظ جي معني ڏيندي آخر ۾ هيءُ حقيقت بيان ڪئي وئي آهي!

صحرائي عرب جي هن داستان عشق کي فارسي زبان جي

[1] زير اهتمام دانش گاه پنجاب لاهور جلد 18 (لاهور۔محل) ١۴٠۵هہ/1985 طبع اول



رومانوي ۽ صوفيانہ شاعري جو هڪ مقبول عام موضوع بنائڻ جو ڪم سڀ کان پهرين نظامي گنجوي شروع ڪيو جنهن جي خمسہ ۾ ليليٰ مجنون ٽين مثنوي آهي-فارسي ادبيات ۾ انهي نالي پيون مشهور ترين مثنويون امير خسرو دهلويؔ جامي ۽ هاتفي جون آهن-ترڪي ۾ حمدي بہ ليليٰ ومجنون جو قصہ نظم ڪيو آهي-

صوفي مصنفين جي نزديڪ مجنون هڪ اهڙو روح آهي جيڪو درد و غم، استغراق ۽ ترڪ لذات جي وسيلي سان وصال الاهي جو آرزو مند آهي-

اسانجي سنڌ ۾ هي واقعو ايران مان ايندڙ اُنهن شاعرن ذريعي پهتو جيڪي خصوصاً مغلن جي دَور حڪومت ۾ اَچي ٺٽي ۾ رهيا- اُن وقت ٺٽو سنڌ جو اُهو علمي ۽ ادبي مرڪز هو جنهن جي شاعرن متعلق ڪتاب 'مقالات الشعراءِ' ۽ ڪتاب 'تڪلمہ مقالات الشعراءِ' قابل احترام اديبن ۽ شاعرن لکي ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪري ڇڏي پر اُن هوندي بہ ڪيترا مشهور معروف شاعر رهجي ويا جن جو تذڪرو بهرحال مختلف ڪتابن ۾ ايندو پيو رهي-۽ جيئن جيئن اسانجو ادب ترقي جون منزلون طئي ڪندو رهندو تيئن اهڙن ناميارن شاعرن کي اسان جا محقق صاحبان گوشئہ گمنامي مان ڪڍي عوام الناس کي اُنهن جي ادبي شاهڪارن کان فيضياب ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندا رهندا- فارسي زبان جا ايراني شاعر تہ بيان طرازي ۾ يَد طوليٰ رکن ٿا مگر سنڌ جي شاعرن پنهنجي قدرتي مليل ذات ذريعي جن عشقيہ داستانن کي عوام آڏو پيش ڪيو آهي. انهن مان ڪڇ جوشاعر سيد فاضل شاهہ بہ آهي جنهن ٣٧ رمضان المبارڪ ١١٢٦هہ ۾ هن واقعي کي نظم ڪري اختتام جي سروپاءِ پهرائي- وري خليفہ عبدالله نظاماڻي بن خليفہ محمود (المتوفي ١٢٦٧هہ). ڪڙيہ گهنور تعلقي گوني جي ويٺل سن ١٢٠٨هجري ۾ نظم جي صورت ۾ هي واقعو بيان ڪيو آهي- ١١٢٦هہ کان ١٢٠٨هہ تائين



۷۵ سال جو عرصو نہ ٿو بيهي جيڪو ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪتاب مشهور سنڌي قصا جي صفحا 22تي ڄاڻايو آهي- ۱۱۲۶ھ کان ۱۲۰۸ھ تائين ۷۲ سال ٿين ٿا-اگر ۷۵ سال ۱۲۰۸ھ مان ڪَٽَ ڪجن تا تہ ۱۱۳۳ھ سال بيهي ٿو-اگر ۱۱۲۹ھ سان حساب لڳايون ٿا تہ ۷۵سال ظاهر ٿين ٿا- جيئن تہ ڪتاب ۾ سال۶يا ۹ صحيح نموني سان ڇپيو ناهي اِن ڪري ڪو حتمي فيصلو نہ ٿو ڪري سگهجي-


۱۲۰۸ھ تائين اگر تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اها ڳالھ واضح ٿيو وڃي تہ سنڌ تي ۱۰۰۰ھ (92_1591) تا ۱۱۵۱ھ (38_1837ع) مغل گورنرن جو راڄ رهيو آهي، هِنَ ۱۵۱سالن ۾ علم وادب جي ترقي ٿي آهي-اهاڀي ڳالھ آهي تہ اسانجي نامور شاعرن ۽ اديبن پنهنجي ادبي محنتن سان ڏارين ٻوليءَ کي تہ ورسائي پنهنجي ڌرتيءَ جي اَملھ ماڻڪن کي ايترو تہ هيٺ ڪيو جو ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جو هي شعر پڙهي اچرج ٿي لڳي:

سرفراز اہل سندہ کس شعرت نمی فہمد
بہ بند ایں دستہ گل رابراہل صفاہان بر

ترجمہ: اَي سرفراز اهل سنڌ تنهنجو شعر نہ ٿا سمجهن، تنهن ڪري پنهنجي اشعار جو بند ٿيل گلدستو اصفهان (ايران) کڻي وڃ[1]

ميان سرفراز خان عباسي سنڌ جي تخت حڪومت تي ۱۱۸۶ھ ۾ ويٺو جڏهن تہ حضرت شاھ عبداللطيف رحمة الله عليه هِنَ فاني جهان ۾ ۱۱۰۱ھ ۾ پير پاتو آهي ۽ ۶۳ورهين جي ڄمار ۾ ۱۱۶۵ ۾ برقعو مٽايائين هِنَ عرصہ ۾ شاھ صاحب پنهنجي بيتن ذريعي سنڌي سماجهڙن کي علم و ادب جي اُنهي نعمت سان مالا مال ڪيو جنهن کان ميان سرفراز محروم رهجي اهڙي شڪايت

[1] عباس علي بيگ ميرزا: خدا يار خاني ميان سرفراز خان عباسي، ص 58



ڪئي آهي.


هِنَ بحث جو مقصد ايهو آهي تہ ڇا ١٥١سالن ۾ ڪوبہ اهڙو شاعر پيدا نہ ٿيو جيڪو سنڌي زبان ۾ عوام کي ڪو تحفو ڏئي سگهي ها؟ يقيناً اهڙا صاحبان علم ضرور هوندا مگر اُهي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خاموش رهي ادبي خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا تڏهن تہ لطف الله بدوي صاحب پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتاب تذڪرو ۾ لکيو آهي:

"آءُ حيران ٿي ويس جڏهن ڏٺم تہ سنڌي شاعري هڪ بحربي پايان آهي مصيبت تہ اِها هئي جو گذري ويل بزرگن جا حالات مستند روايتن سان هن وقت ملڻ گهڻو مشڪل ٿي نظر آيا. مگر منهنجي همت تائيد غيبي سان هِنَ بحربي ڪنار کان مونکي ٻاهر وٺي آئي. ٿيون جلد تيار ٿي ويو ڪتاب جي وڏي وچڻ سبب باقي بزرگن جو احوال جيڪڏهن حياتي مستعار باقي رهي تہ چوٿين جلد ۾ ڏيندس." [1]

مقصد تہ شعرن جا موتي تہ گهڻا ئي آهن پَرَ آهن جو سپن جي پيٽَ ۾. سو اُنکي ڇا ڪجي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي قسمت سان ڪَڇَ جي علائقي مان سن ١٢٧٥هہ جو لکيل قلمي نسخو فاضل شاهہ جو ليليٰ مجنون وارو قصو دستياب ٿيو جنهن جو ذڪر ڪتاب ۾ آيو آهي، مرقع ليليٰ مجنون سال 1885ع ۾ مرزا محمد هادي رسوا لکيو آهي، جيڪو نظم ۽ نثر ۽ تمام خوب انداز سان بيان ٿيل آهي، ٻنهي جي انجام بابت مصنف لکي ٿو تہ ليليٰ جي موت جي خبر مجنون کي جڏهن وادي نجد ۾ پيئي تہ رئندو پٽيندو ليليٰ جي محلہ ڏانهن روانو ٿيو ۽ هڪ هڪ کان ليليٰ جي قبر بابت پڇڻ لڳو پر ڪنهن نہ ٻڌايس، آخرڪار پاڻ ئي ليليٰ جي قبر ڳولي لڌائين جڏهن قبر تي پهتو تہ دل گواهي ڏنس تہ ايها ئي ليليٰ جي قبر اٿئي تہ قبر کي ڏَسي هي شعر پڙهيائين

---

[1] بدوي لطف الله: تذڪره لطفي، ج ٽيون



ارادو ليخفوا قبر عن محبها
وطيب تراب القبر ولى على القبر

ترجمہ: ۽ ماڻهن چاهيو تہ هِنَ (ليليٰ) قبر کي اُن جي محب (عاشق) کان لڪايون. مگر خاڪ قبر جي خوشبو اُنجي قبر تائين رهنمائي ڪئي.

۽ اِهوئي شعر پڙهندي پڙهندي پرينءَ جي پيراندئيءَ پساہ ڏئي ليليٰ جي پرسان قبر جي پاڪر ۾ وَڃي آرامي ٿيو. مجنون عالي دماغ شاعر هو. سندس هي عربي نثر ۾ جواب ۽ شعر ڪيڏا نہ پيار پريا حقيقي حقيقت عشق جو اظهار پياڪن.

الف: أمر على الديار ديار ليلیٰ اقبل ذالجدار و ذالجدار
وصاحب الديار شغفن قلبی ولكن حب من سكن الديار

ترجمہ: جڏهن آئون گهرن وٽان لنگهان ٿو تہ ليليٰ جي گهر کي چمان ٿو. ڪڏهن هُنَ ديوار کي ڪڏهن هِنَ ديوار کي انهن گهرن ۽ ديوارن منهنجي دل کي ناهي لُٽيو بلڪ اُنهن جي محبت ۽ دوستي منهنجي قلب کي لٽيو آهي جيڪا اُنهن گهرن ۾ رهي ٿي. انهي ڪري محبت جي اثر ۾ هنن ديوارن کي چمان ٿو. [1]

ب: نذر على لئن عادوا وان رجعوا
لازرعن طريق التفت ريحانا

ترجمہ: مون بَاسَ باسي آهي تہ اگر هي واپس اَچي ويو تہ تفت جي راہ ۾ ريحان جا گُلَ پوکيندس. تفت اُهو علائقہ آهي جنهن جو تعلق ليليٰ ۽ مجنون جي مشهور قصہ سان آهي. ليليٰ اُن سرزمين تي سڪونت پذير هُئي ۽ هي شعر مجنون عامري جو آهي. [2]

---

[1] ڪتاب اسلام مين مقام قرآن وعترت 193ص194 مصنف آيت الله آقائي شيخ علي شاهرودي. مترجم سيد محمد حسين زيدي الباهروي. ناشر مصباح القرآن ٽرسٽ لاهور

[2] ڪتاب حَماسئہ حسيني ص 23/24 آيت الله شهيد مرتضي مطهري. مترجم ڊاڪٽر سهيل بخاري. ناشردارالثقافة الاسلاميه.



جيتري قدر فارسي زبان ۾ ايراني شاعرن جي هن ڏس ۾ ڪارگذاري ڪيل آهي اها تعجب خيز آهي. ناميارن ايراني شاعرن هن قصہ کي مختلف طريقن سان بيان ڪيو آهي. چوٿين صدي جي آخري دور ۾ بابا طاهر همداني عارف معروف هن داستانِ عشقي کي داستانِ حُب خالص ۽ عشق متبادل قرار ڏيندي چيو آهي:

چہ خوش بی مهربانیهر دوسر بی کہ یکسر مهربانی درد سربی
اگر مجنون دل شوریده ای داشت دل لیلی از آن شوریده تربی

علي اڪبر دهخدا پنهنجي تحرير کي جنهن اشعار سان مُزّين ڪيو آهي اُنهن ۾ هي خوبصورت قطعہ بہ آهي:

گفت با لیلی خلیفه کایں توی کز توشد مجنون پریشان و غوی
از دگر خوبان تو افزون نیستی گفت خامش چون تو مجنون نیستی

اهڙيءَ ريت هي عشقيہ داستان ادب جي جان بنجڻ شروع ٿيو تان جو نظامي گنجوي هڪ مثنوي "عشقنامہ ليليٰ و مجنون" لکي جيڪا مڪمل ليکي وڃي ٿي. سنہ ۵۸۴هہ ۾ سندس لکيل مثنوي جا ۴۴۵۰ بيت آهن. بس، هن مثنويءَ جو منظر عام تي اچڻ ڇا هو جڻ تہ محفل ادب ۾ هڪ اهڙي شمع سخن روشن ٿي وئي جنهن تي عالي دماغ شاعر پروانہ وار ڦرندا رهيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ۵۰ کان وڌيڪ سرسبز و شاداب گل مثنوين جي روپ ۾ ڪڏهن بوستان حُسن تہ ڪڏهن گلستانِ ادب ۾ پنهنجي سُرهاڻ پکيڙڻ لڳا.

نظامي گنجوي جي ۴۴۵۰ بيتن جي مثنوي اُنهيءَ وڻ جي مثال آهي جنهن جون ٽاريون ٽُڙَ کان طاقت وٺي ايتريون تہ زورآور ٿي ويون جو آسمان جي بُلندي کي ڇُهڻ سان گڏوگڏ زمين بوس بہ اهڙي طرح ٿيون جو ڏسڻ وارا اُنهن کي ئي ڏسندا رهيا ۽ ٽُڙَ ڏانهن



ڪنهن ڏيان ئي نہ ڏنو. مقصد تہ اصل واقعو ايترن شعرن جي وچ ۾ اهڙو لڪي ويو جو حقيقت ئي مشڪوڪ ٿي وئي جنهن جو اظهار ڊاڪٽر بلوچ صاحب هيئن ٿو ڪري:

"عالمن جي راءِ ۾ "مجنون" محض ليليٰ مجنون" افساني جو هڪ خيالي ڪردار آهي." (ڪتاب مشهور سنڌي قصا ص 21)

ليڪن سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت عبدالقادر بيدل هن عشقيہ داستان کي حقيقي روپ ۾ بيان ڪري هِڪَ سچي عشق جي پَت رکي ڇڏي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مجنون جي وفات جو سال ٨٠هہ ڄاڻايو آهي، ۽ بيدل سائين جي چيل قصہ ۾ مجنون جي عشق جو آغاز اُن وقت ٿئي ٿو جڏهن هِنَ جي پيءُ کيس مڪتب ۾ علم پرائڻ ويهاري ٿو جتي اتفاق سان ليليٰ بہ علم حاصل ڪرڻ اَچي ٿي-ٻئي مڪتب ۾ روبرو ويهن ٿا-دل دل سان ملي وئي-۽ عشق حُسنَ جي ڪمانَ مان فراق جو تير ڇڏيو جيڪو ٻنهي جي دلين کي زخمي ڪندو غائب ٿي ويو. اسانجي خيال ۾ مجنون جي عُمر ڄمڻ کان مرڻ تائين ويهہ يا ٻاويهہ ورهيہ آهي-ڇاڪاڻ تہ اِهائي اُها ڄمار آهي جنهن ۾ خصوصاً عاشقن جو دل و دماغ پنهنجي وس ۾ نہ هوندو آهي- جيئن سائين بيدل فقير جو فرزند ٢٣ورهيہ زندگي جا چمن عشق جي گلن کي ڏئي ڪَنيي کي سدابهار گل بنائي وڃي جنت جي باغن کي وسايائين-ساڳيءَ ريت مجنون بہ ٥٩هہ ۾ هِنَ جهان ۾ پير پائي عشق جي ناڪامي برداشت نہ ڪري سَاهہُ ڏٽيءَ سائينءَ جي نذر ڪري ڇڏيائين- بيدل سائينءَ جي چيل قطعہ جا ڪُل ارڙهن بيت آهن. جنهن جي آغاز ۾اِهو ڏسايو ويو آهي تہ عاشقن جو وڏو مرتبو آهي ۽ هنن جا قصہ جڳ جهان ۾ احسن القصص (تمام بهترين قصہ) آهن-جن قصن ۾ جيئن مجنون جو قصو بي مثال آهي تئين مجنون پڻ باڪمال هو-



مجنون جو مڪتب ۾ داخل ٿيڻ ۽ مڪتب جو نظارو:

بود در مکتب دوصف ہردو مقابل
یکدگر دریکی صف کودکان دردگر دوشیزگان
اتفاقاً قیس غمزده دران مکتب نشست
روبروی رخت لیلیٰ نام رشکِ گلرخان

پنهي جو آمهون سامهون ويهڻ، هڪ ٻي کي ڏسڻ گويا قيامت هُئي،

مظہر نور مقدس دیده وازخود برفت
میل ازہر دو طرف گردید در عالم عیان

نتيجو اُهوئي نڪتو جنهن جو بيان قطعہ ۾ ٿيل آهي- انجام پنهي جو مِٽيءَ ماءَ حوالي ٿيڻ تي ٿيو- ڊاڪٽر بلوچ صاحب مٿي ڄاڻايل ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مجنون جي پيءَ ليليٰ جي پيءُ کان سڱ گهريو تہ جيئن مجنون ۽ ليليٰ جي شادي ٿي پر ڏيءَ جي پيءَ جي انڪار تي، قيس، ليليٰ جي عشق ۾ ديوانو ٿي پيو ۽ بربيابان ووڙيندو ليليٰ، ليليٰ پڪاريندو رهيو ۽ انهيءَ ڪري مجنون (ديوانو) جي لقب سان مشهور ٿيو- انهيءَ عشق ۽ ديوانگي واري حالت ۾ ٨٠هہ ۾ وفات ڪيائين. تقريباً اِهوئي بيان فارسي ۽ اردو نظم ۽ نثر نگارن ڄاڻايو آهي،

بيدل سائين قيس جي مڪتب ۾ ويهڻ وقت ڄمار ڏهہ سال ڏسائي آهي- ۽ اِهو بہ سچ آهي تہ ڏسندي ئي ڏسندي هنن جي عشق جو داستان محبت جي آسمان تي چنڊ بنجي جرڪڻ لڳو جنهن کان ڪوبہ بي خبر نہ هو ليليٰ جي ماءُ ڌيءَ کي مڪتب مان اُٿاري ڇڏيو ۽ ڌيءَ کي نصيحت ڪندي رهي تہ اِهو سڀ ڪجهہ دل تان وساري ڇڏ ۽ جهان ۾ رسوا نہ ٿي مگر ليليٰ اِهوئي جواب ڏنو تہ اِهوئي تہ منهنجي وس ۾ ناهي- مجنون ۽ ليليٰ جي شادي وارو بيان رڳو



قصہ کي رنگين بنائڻ جي لاءِ آهي- ورنہ اُنجي ڪا حقيقت نہ آهي. بيدل فقير صاحب جي چيل قطعہ سنڌي زبان جي اُنهن شاعرن جي ڪلام ڪان مٿانهين آهي جن فارسي زبان ۾ قابل قدر شاعري ڪئي آهي هِنَ حقيقت ڪان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ جيئن اسين سنڌي ٻين زبانن جي شاعرن ۽ نثر نگارن جي قدر افزائي ڪندا آهيون تيئن ورلي ڪنهن ڏارين ٻوليءَ واري اسانجي شاعر جي محنت جو اعتراف ڪيو هجي، ليڪن محترم عبدالقيوم صاحب صاحب جاهي الفاظ سونهري حرفن سان لکڻ جهڙا آهن:

"مرتضائي جو هي 'دوازده بند' لاجواب آهي-ڪاش هي شخص (محتشم) ڪا شيءَ جي ڏينهن ۾ هجي ها تہ ڪيس پَتو پوي ها تہ سنڌ ڌرتيءَ اهڙا سپوت پيدا ڪيا جيڪي اهل زبان نہ هوندي بہ اهل زبان سان برميچي ٿي سگهيا. هنن جي ڪلام ۾ معنوي ۽ صوري خوبين سان گڏ فصاحت ۽ بلاغت جا دريا موجزن آهن."[1]

هِنَ حقيقت ڪان تہ شايد ئي ڪو سخن فهم انڪار ڪري تہ شعر شاعر جي دل جو آواز ناهي-شعر شاعر جي اُن ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا دل جو آواز بنجي زبان تي اَچي ٿي، پوءِ اُن کي سمجهڻ وارا بہ اهڙا ئي دل وارا گُهرجن-سيد عظيم الدين ٺٽوي ڪهڙي نہ بهترين پيرايہ ۾ پنهنجي شاعري جو تعارف ڪرائي رهيو آهي.

نہ فہمد اہل قلم، حرفم اہل دل فہمد
کہ حرف مَن نبود کار کلک، کار دل ست

---

[1] صائب عبدالقيوم: ثابت علي شاهہ شخصيت ۽ شاعري، ص 143.
صائب صاحب جو شمار نہ رڳو سنڌ جي نامور اديبن ۾ ٿئي ٿو بلڪ پيشي جي لحاظ کان هو حيدرآبادجو هڪ نامور وڪيل پڻ آهي.سنڌي، عربي، فارسي، اردو زبانن تي ڪافي عبور رکي ٿو. علم عروض تي سندس لکيل ڪتاب "عروض جا اهڃاڻ" قابل تعريف آهي. هن وقت حيدرآباد جي ادبي تاريخ لکي رهيو آهي. جيڪا تحقيق جي ميدان ۾ محققن لاءِ نوان موڙ پيدا ڪندي.



بغیر اہل دلش مشتری نہ خواہد شد
کہ ایں متاعِ گران مایہ از دیار دل ست

ليليٰ مجنون جو قصہ مختصر مگر جامع جيڪو فقير بيدل سائين نظم ڪيو آهي يقيناً اُن کي اهل قلم نہ سمجهي سگهندا بلڪ اُن جا حرف اهل دل سمجهندا انهيءَ ڪري جو اهو ڪلڪ جو ڪمال ناهي بلڪ دل جو ڪم آهي جنهن جو سواءِ اهل دل جي ڪوخريدار نہ ٿي سگهندو ڇاڪاڻ تہ ايهو اَملهہ ماڻڪ خزانو دل جي شهر سان تعلق رکي ٿو۔محسوس ائين پيو ٿئي تہ عظيم ايهو چيوئي بيدل فقير جي ڪلام لاءِ آهي جنهن کي حقيقت ۾ سمجهڻ انهن جي وَس جي ڳالهہ ناهي جن جي دل هِنَ درد کان خالي آهي، ليليٰ مجنون جو داستان جيڪو عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو نظم ، نثر، بيت، غزل، ناول ۽ فلم جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان جو تفصيل هن ريت آهي.


عربيءَ ۾ قصہ ليليٰ مجنون			
	عنوان	شاعر/محقق	تفصيل
1	قيس عامري	قتيبہ دينوري	سن ٣٠٠هہ ۾ قيس عامري جي عنوان سان هي قصہ ڪتاب 'الشعر والشعراء' ۾ لکيو ويو. ابن قتيبہ دينوري هن ڪتاب جو مصنف آهي.
2	قيس و ليليٰ عامري	ابوالفرج علي	سن ٤٠٠ هہ ۾ معروف محقق ابوالفرج علي بن الحسين بن محمد بن احمد القرشي الاصفهاني (٢٨٤هہ-٣٥٦هہ) هي قصہ تفصيل سان جمع ڪري ڪتاب 'اغاني' جي




			زينت بنايو. وزير سلطنت ديالمہ اسمعيل بن عباد جي توسط سان هي قصہ ايران جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويو ۽ عارف معروف بابا طاهر همداني هن داستان عشقي کي داستان حب خالص ۽ عشق متبادل ڏنو آهي.
فارسيءَ ۾ قصہ ليليٰ مجنون			
1	حُبَ خالص	بابا طاهر عريان همداني	ايرانَ ۾ هي شاعر "دوبيتي" جي ڪري مشهور آهي سندس چيل "دوبيتي" ليليٰ و مجنون متعلق: چہ خوش بي مهربانيهر دو سر بي کہ يکسر مهرباني درد سر بي اگر مجنون دل شوريده اي داشت دل ليليٰ از آن شوريده تر بي
2	رخسار ليليٰ	رابعہ بنت کعب خضداري	آل سبگتگين جي قديم ترين شاعرن مان آهي هن بہ ليليٰ مجنون متعلق هڪ قطعہ چئي آهي جيڪا هن ريت آهي: دگر لالہ در باغ مأوي گرفت چمن رنگ ارتنگ ماني گرفت مگر چشم مجنون بہ ابر اندر ست کہ گل رنگ بر خسار ليلي گرفت
3	مجنون عامري	محمد عوفي الطالقاني	هن شاعر بہ بہ بيت ليليٰ مجنون متعلق هيئن چيا آهن:



			چنانم کہ مجنون عامر بود زتیمار لیلیٰ بہ لیل ونہار وفادار مہر توام تازیم توخواہی وفادار وخواہی مدار
4	بلبل و ليليٰ	منوچهري	ابوالنجم احمد منوچهري المتوفيٰ: ۴۳۲هه جو شعر: بلبل بغزل طیرہ کند اعشیٰ را صل صل بنوا سخرہ کند لیلی را
5	حسن و جمال ليليٰ	انوري	اوحد الدين محمد انوري سلطان سنجر جي عهد سلطنت جو معروف ترين شاعر ۵۸۷هه ۾ وفات ڪيائين. ليليٰ و مجنون کي هيئن ياد ڪيو اٿس کجاست مجنون تا عرض دادہ دریابد نگارخانہ حسن و جمال لیلی را
6	مجنون و ليليٰ	شيخ سعدي	مشرف الدين بن مصلح بن عبدالله سعدي شيرازي سال پيدائش ۶۰۶هه ۽ وفات ۶۹۱هه تا ۶۹۴هه هن جي تصنيفات مان ڪتاب گلستان ۽ بوستان کي ادب ۾ تمام اهميت حاصل آهي ليليٰ و مجنون لاءِ چوي ٿو: ماہیچ ندیدیم و ہمہ شہ بگفتند افسانہ مجنون بلیلی نرسیدہ




7	حڪايت	مولوي رومي	جلال الدين محمد بن سلطان العلما بهاء الدين محمد بن حسين الخطيبي ۶۰۴ھ بلخ شهر ۾ جائو ۽ ۶۷۲ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس چيل مثنوي معنوي معروف آهي جنهن جا ۲۶ هزار بيت آهن. ليليٰ و مجنون لاءِ چيل سندس حڪايت هيٺن آهي. گفت باليلی خليفه کان تو ئي کز تو شد مجنون پريشان و غوی از دگر خوبان تو افزون نيستی گفت خامش چون تو مجنون نيستی
8	غزل	حافظ شيرازي	شبِ مجنوں بہ ليلی گفت کہ محبوب بی ہمتا ترا عاشق شود پيدا ولی مجنون نہ خواہد شد. ميرزا قليچ بيگ اهو خيال هيٺن ٽو بيان ڪري: عرب ۾ ٽياقيس عاشق بيا گهڻا. مٿي ليليٰ، مجنون سدا ڪونہ ٿئي.
9	زلف ليليٰ	سلمان ساوجي	خواجہ جمال الدين بن خواجہ علاء الدين محمد سلمان ساوجي ۷۰۰ھ ۾ ساوه شهر ۾ جائو ۽ ۷۷۸ھ ۾ اُتي ئي وفات ڪيائين. ليليٰ مجنون کي هيٺن ياد ڪيو اٿس: بوی صبح چوں مجنوں صبا زجای بجست مگر کشاد دم صبح زلف ليلی را



10	حديقة الحقيقة	سنائي	ابوالمجد مجدود بن آدم سنائي ۵۰۰ هہ ۾ پيدا ٿيو ۽ ۵۴۵هہ ۾ وفات ڪيائين. ليليٰ مجنون لاءِ شعر: آن شنيدی کہ در عرب مجنون بود بر ليلی آنچنان مفتون
11	ليليٰ و مجنون	نظامي گنجوي	سال ۵۸۴هہ ۾ ۴۴۵۰ بيتن جي هڪ مثنوي چئي
12	ليليٰ و مجنون	اميرخسرو دهلوي	سال ۶۸۹ هہ ۾ ۲۶۶۰ بيتن جي مثنوي نظم ڪئي
13	ليليٰ و مجنون	عبدالرحمن جامي	مثنوي ۳۸۶۰ بيت
14	ليليٰ و مجنون	مثالي ڪاشاني	سال ۸۹۷هہ ۾ منظوم داستان، ڪتابخانہ مجلس شورا ملي ايران ۾ هن داستان جو نسخہ موجود آهي
15	ليليٰ و مجنون	هلالي استر آبادي	شاعر سنہ ۹۳۵ هہ يا ۹۳۶هہ ۾ فوت ٿيو. منظوم داستان برطانيہ جي عجائب گهر ۾ نسخہ موجود آهي
16	ليليٰ و مجنون	ميرحاج	علي شير نوائي جو همعصر شاعر ۹۰۶ هہ ۾ فوت ٿيو
17	ليليٰ و مجنون	قاسم گنابادي	شاعر شاهہ طهماسپ (۹۸۴هہ –۹۳۰هہ) جو همعصر هو سندس لکيل داستان جا ڪجهہ بيت 'تذڪره هفت اقليم' ۾ نقل ڪيل آهن



18	ليليٰ و مجنون سهيلي	امير نظام الدين احمد	هن شاعر ٩١٨ هه ۾ انتقال ڪيو
19	ليليٰ و مجنون	ضميري	هي شاعر شاه طهماسپ جو همعصر آهي
20	ليليٰ و مجنون	مقصوڊ بيگ شيرازي	'تذڪره سامي' ۾ هن داستان جا ڪجهه شعر نقل ڪيا ويا آهن. هي شاعر سام ميرزا جو همعصر ٿي گذريو آهي.
21	ليليٰ و مجنون	مڪتبي شيرازي	هن شاعر سال ٨٨٦هه ۾ هي داستان نظم ڪيو
22	ليليٰ و مجنون	مهدي	هن جو انتقال ٩٢٤هه ۾ ٿيو هن مثنوي جو ذڪر 'تحفه سامي' ۾ ٿيل آهي.
23	ليليٰ و مجنون	چپ نويس	'تحفه سامي' ۾ سام ميرزا هن جو ذڪر ڪيو آهي
24	مجنون و ليليٰ	نامي اصفهاني	هي شاعر سال ١٢٠٧هه ۾ فوت ٿيو
25	ليليٰ و مجنون	فوقي يزدي	هي شاعر شاه عباس دوم (١٠٥٢-١٠٧٧هه) جو همعصر آهي. 'تاريخ يزد' ۾ آيتي مرحوم هن کي ياد ڪيو آهي
26	ليليٰ و مجنون	صبائي ڪاشاني	هن شاعر جو شعري مجموعه نيشنل لائبريري ايران ۾ رکيل آهي. ١٢٣٨هه ۾ هي شاعر گذاري ويو.
27	ليليٰ و مجنون	عبدي بيگ شيرازي	'تذڪره هفت اقليم' ۾ هن مثنوي جو ذڪر آهي.



28	ليليٰ و مجنون	ڪاتبي	
29	ليليٰ و مجنون	ثنائي	خواجہ حسين ثنائي مشهدي سال انتقال ٩٩٦هہ
30	ليليٰ و مجنون	هدايت الله رازي	شاهہ طهماسپ ۽ شاهہ عباس جو اصطبل دار
31	ليليٰ و مجنون	اشرف مراغي	
32	ليليٰ و مجنون	علي رضا تجلي شيرازي	هي شاعر يارهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ حيات هو.
33	ليليٰ و مجنون	حڪيم شفائي	المتوفي ١٠٣٧هہ
34	ليليٰ و مجنون	سالم ترڪمان	مرحوم تربيت پنهنجي ڪتاب: 'دانشمندان آذربائيجان' ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي.
35	ليليٰ و مجنون	اسيري تربتي	هن جو ذڪر پڻ ڪتاب: 'دانشمندان آذربائيجان'، ۾ ملي ٿو.
36	ليليٰ و مجنون	ڪاشف شيرازي	همعصر شاهہ عباس اول. هن جو ذڪر 'تذڪرهء نصرآبادي'و 'هفت پيڪر' ۾ ملي ٿو.
37	ليليٰ و مجنون	نصيبي ڪرمانشاهي	بحوالہ: 'دانشمندان آذربائيجان'
38	ليليٰ ومجنون	قاسم خان بدخشي موجي	مرحوم تربيت پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر آندو آهي. شاعر آگري ۾ سن ٩٧٩ هہ ۾ وفات ڪئي.
39	ليليٰ و مجنون	زين الدين	هن جو ذڪر ڪتاب:



		صاعدي خبوشاني	’قاموس الاعلام‘ ۾ ملي ٿو.
40	ليليٰ و مجنون	حرفي	هن جو ذڪر ڪتاب: ’هفت اقليم‘ ۾ آيل آهي.
41	ليليٰ و مجنون	ملا مراد بن ميرزا جلن	يارهين صدي هجريءَ جو شاعر. سندس ذڪر ڪتاب: ’قصص الخاقان‘ (تاليف ١٠٧٧هه) ۾ آهي.
42	ليليٰ و مجنون	سيد حسن بن فتح الله	شاعر هيءُ قصو سال ١٠٣٨هه ۾ نظم ڪيو.
43	ليليٰ و مجنون	ابو البرڪات لاهوري	ڪتاب: ’تذڪرهء روز روشن‘ ۾ سندس ذڪر موجود آهي.
44	ليليٰ و مجنون	داود	هي شعري نسخو لنڊن جي ميوزم ۾ آهي
45	چاه وصال	شعله اصفهاني	هي نسخو ڪتابخانه مجلس شوري ۾ موجود آهي
46	ليليٰ و مجنون	ناصر هندو	مرحوم تربيت هن جو ذڪر خير ڪيو آهي
47	ليليٰ و مجنون	روح الامين اصفهاني	هن شاعريارهين صدي هجريءَ جي ابتدا ۾ ٿي گذريو آهي.
ترڪي زبان ۾ قصهءِ ليليٰ مجنون			
1	ليليٰ و مجنون	علي شير نوائي (ولادت ٨٤٤هه – وفات ٩٠٦هه)	هي مخطوط ڪتابخانه مدرسه عالي سپهه سالار ۾ آهي
2	ليليٰ و مجنون	سودائي	شاعر سال ٩٢٠هه ۾ هي قصو نظم ۾ لکي پورو ڪيو.
3	ليليٰ و مجنون	عبدالوهاب	هي شاعر سلطان سليم اول



		خيالي	جو همعصر آهي. هن جو ذڪر ڪتاب: 'قاموس اعلام ترڪي' ۾ ملي ٿو.
4	ليليٰ و مجنون	عيسي نجاتي	شاعر سنه ۹۱۴هه ۾ وفات ڪئي. احوال لاءِ ڏسو ڪتاب: 'ڪشف الظنون'
5	ليليٰ و مجنون	احمدي آذربائيجاني	ڏسو ڪتاب: 'دانشمندان آذربائيجان'
6	ليليٰ و مجنون	صالح بن جلال	شاعر سنه ۹۷۳هه ۾ وفات ڪئي وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڪتاب: 'ڪشف الظنون' ۽ 'قاموس الاعلام ترڪي'
7	ليليٰ و مجنون	خليفه بن ابي الفرج بيضاوي	شاعر شافعي مسلڪ جو هو سن ۱۰۶۰هه ۾ رحمت حق سان پيوسته ٿيو.
8	ليليٰ و مجنون	حمدالله بن آقا شمس المتوفي ۹۰۹هه	تفصيل لاءِ ڏسو ڪتاب: 'ڪشف الظنون'
9	ليليٰ و مجنون	شاهدي ادرنوي	سال ۸۸۱هه ۾ قصي کي نظم جو روپ ڏنو بحواله: 'ڪشف الظنون'
10	ليليٰ و مجنون	برسوي المتوفي ۹۳۸هه	
11	ليليٰ و مجنون	فضولي	هي مجموعه ۱۲۶۴هه ۾ آستانه ۾ ڇپيو ۽ نسخه قلمي نيشنل ميوزيم ايران/تهران ۾ آهن ۽ ٻنهي ۾ اختلاف آهي
12	ليليٰ و مجنون	سليمان چلبي	صاحب 'قاموس الاعلام'




			مطابق هن جون ٨ مثنويون چيل آهن.
13	ليليٰ و مجنون	سنان	هي شاعر سلطان بايزيد خان جو همعصر آهي
نوٽ: هي فهرست لغت نامہ علي اڪبر دهخدا ج14 تهران 1330 خورشيدي ۾ "تاريخ ادبيات ايران"، تاليف ڊاڪٽر رضا زاده شفق مطبوعہ انتشارات آهنگ سال 1349 تابستان، تان تيار ڪئي وئي آهي.			
سنڌ جا شاعر			
48	غزل	بينش محمد صادق نصرپوري	نيست فرق از محمل ليلی دل مجنونِ ما اتحاد دوستان گل کرده اندر هر چمن
49	تتبع خمسہ نظامي	مشرف اصفهاني	مرزا حسين مقرب شاه طهماسپ اول بن شاه اسمعيل اول زمان حڪومت ۹۳۰هہ تا ۹۸۴هہ ليليٰ و مجنون متعلق اشعار عاشق سگ يرغه بود ميمون آوازه بلند شد ز مجنون تاريخ وفات گرگ جيم است آش شب چله اش حليم است چون مکتب عشق جوش ميزد دلاله مگس خروش ميزد ليلی ز دريچه تبسم ميکرد بپارسی تکلم ما و تو برادران موشيم همسايه اردک خموشيم



			مقالات الشعراء: مير علي شير قانع مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ
50	غزل	مير غلام علي مائل تتوی	دلم مجنون صفت در ياد ليلیٰ بداشت غم طلبگار تو باشد مقالات الشعراء: مير علي شير قانع مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ
	سنڌيءَ ۾ قصہ ليليٰ مجنون		
1	قصہ منظوم	ميان محمد ٺٽوي	سال 1871ع مطبع قاضي ابراهيم بمبئي مان ڇپيو.
2	قصہ منظوم	سيد فاضل شاه	هي ٽئي داستان بيتن جي صورت ۾ ڇپيل آهن جن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرتب ڪيو. ڪتاب 'مشهور سنڌي قصا' ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1964ع (عرض محمد چانڊيي جو ڇپيل قصو پهريون ڀيرو هريسنگ ۽ سنس پريس سکر مان 8 ڊسمبر 1921ع جي شايع ٿيو. مل محمود جو ڇپيل قصہ پهريون ڀيرو سيد مٺن شاهہ حيدرآباد مان شايع ڪيو)
3	قصہ منظوم	عرض محمد چانڊيہ	
4	قصہ منظوم	مل محمود پلي	
5	ليليٰ مجنون	حاجي امام بخش خادم	غير مطبوعہ
6	ليليٰ مجنون	فقير علي محمد قادري	غير مطبوعہ
7	ليليٰ مجنون	نامعلوم	ڇپائيندڙ هيمنداس بڪ سيلر



			شڪارپور 1921
8	ليليٰ مجنون	مرتب هوتچند	سال 1921ع ۾ سکر مان شايع ٿيو
9	ليليٰ مجنون	نامعلوم	سال 1925ع پوڪرداس ۽ سنس شڪارپور مان شايع ڪيو
10	ليليٰ مجنون	نامعلوم	سال 1926ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيو.
11	ليليٰ مجنون	نامعلوم	سال 1927ع ڪراچي مان ڇپيو. (جريان نمبر 5 کان 14 تائين معلومات ڪتاب: 'مشهور سنڌي قصا' مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص 23 تان ورتل آهي.)
12	ليليٰ مجنون	خليفه حاجي عبدالله	سنڌي بيتن ۾ هي قصو شاعر سال ١٢٨٠هه ۾ لکيو. بحواله: 'تذڪره لطفي' مصنف لطف الله بدوي 68_1967ع ڇپائيندڙ آر_ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد
13	ليليٰ مجنون نظامي	مرزا قليچ بيگ	نظامي جي مثنوي جو ترجمه سنڌي زبان ۾ ٿيل آهي. بحواله: پاڪستان مين فارسي ادب (جلد پنجم) مصنف ڊاڪٽر ظهور الدين احمد ڇپائيندڙ اداره تحقيقات پاڪستان دانشگاه پنجاب. لاهور سال 1990ع




فارسي/اُردو شاعر			
فارسيءَ ۾ قصهءِ ليليٰ مجنون			
51	ملاقات ليليٰ با مجنون	سعادت يار رنگين سرهندي	شاعر سنه ١١٧٠هه ۾ ڄايو ۽ سنه ١٢٥١هه ۾ وصال ڪيائين. ڪتاب 'سرهند مين فارسي ادب'، دهلي يونيورسٽي دهلي مصنف ڊاڪٽر ادريس احمد
52	ليليٰ مجنون	مترا داس	هي مثنوي باڊلين لائبريري ۾ آهي ڪتاب جو سال ١٠٥٥هه آهي. ڪتاب 'ادبيات فارسي ۾ هندوئن ڪا حصه' ليکڪ ڊاڪٽر سيد عبدالله ڇپائيندڙ مجلس ترقي ادب لاهور 1967ع
53	ليليٰ و مجنون	عبدالله هاتفي	المتوفيٰ (٩٢٧هه/1521ع) هي مثنوي ١٣ محرم الحرام ١١٤٨هه جي لکيل آهي. هن جو ذڪر ڊاڪٽر محمد بشير حسين، فهرست 'مخطوطات شيراني' جلد اول ۾ ڪيو آهي جنهن کي اداره تحقيقات پاڪستان لاهور (طبع دوم) سال 1975ع ۾ شايع ڪرايو. هيءَ منظوم قصه 1780ع ۾ هندستان ۾ ڇپيو.
54	چاهِ وصال	شمس الدين	هي مثنوي پنجاب



	ليليٰ و مجنون	سندلاهوري	يونيورسٽي لائبريري ۾ آهي هن منقش بياض جو اندارج نمبر 7287 آهي. مثنوي جا ڪل شعر ١٩٩ آهن. (ڪتاب پاڪستان ۾ فارسي (ادب جلد سوم) از ڊاڪٽر ظهور الدين احمد. مطبوعہ اداره تحقيقات پاڪستان دانشگاه پنجاب لاهور 1977 تان ورتل)
اردوءَ ۾ قصہ ليليٰ مجنون			
1	ليليٰ و مجنون	عبدالله واعظ	گجرات جو شاعر آهي. مثنوي جو سال تصنيف ١١٩٦هہ
2	ليليٰ و مجنون	محبوب عالم	سال تصنيف ١١٠٦هہ. سالار جنگ جي ڪتبخانہ ۾ آهي.
3	ليليٰ و مجنون	رحمت	گجرات جو صوفي منش شاعر سال تصنيف ١١٥٠هہ
4 -	ليليٰ و مجنون	تقي علي خان هوس	غازي الدين حيدر جي دربار سان منسلڪ هو- مير حسن جو شاگرد هو. مثنوي جو سال تصنيف ١١٩٨هہ سالار جنگ ۽ آصفيہ ڪتب خانن ۾ مثنوي جا نسخہ محفوظ آهن. سال 1896ع ۾ مطبع نامي مان هي مثنوي شايع ٿي.
5	بهارستانِ عشق	غلام اعزاز الدين نامي	هي مثنوي ٻن هزار شعرن تي مشتمل آهي. تصنيف جو



			سال ۱۲۱۳هه آهي. نامي ۱۲۴۰هه ۾ انتقال ڪيو. هن مثنوي جا ٻہ نسخہ ڪتب خانہ سالار جنگ ۾ هڪ نسخہ ڪتب خانہ آصفيہ ۾ آهي.
6	ليليٰ و مجنون	امير تجلي	مير محمد حسين ڪليم جو فرزند: سندس چيل مثنوي جا ٽي هزار شعر آهن. تصنيف جو سال ۱۲۴۹هه آهي جنهن جو مخطوط ڪتب خانہ سالار جنگ ۾ آهي.
7	ليليٰ و مجنون	شير محمد خان ايمان حيدرآبادي	هي مثنوي قريب ۱۲۴۰هه جي تصنيف آهي.
نوٽ: هي معلومات ڪتاب 'گجري مثنويان' مصنف ڊاڪٽر سيد ظهير الدين مدني مطبوعہ گجرات اردو اڪادمي (حڪومت گجرات) گاندهي نگر، تان ورتل آهي.			
8	ليليٰ و مجنون	عاجز	سال تصنيف ۱۱۴۶هه يا ۱۱۴۰هه
9	ليليٰ و مجنون	امير احمد	سال تصنيف ۱۱۶۹هه، مطبوعہ 1860ع
10	ليليٰ مجنون	خواجہ ياسين	هي شاعر شاہ عالم ثاني جي دور جو ۽ باشندو شاهجهان آباد جو آهي هن جي چيل مثنوي خسرو جي مثنوي جو ترجمہ آهي.
11	ليليٰ و مجنون	محمد شريف درودي	يارهين صدي هجري آخر ۾ چيل مثنوي ۱۲۱۴هه ۾ لکي وئي آهي. انجمن ترقي اردو



			پاڪستان جي اداره ۾ موجود آهي.
12	ليليٰ و مجنون	عبدالله ڪمتر	۱۱۹۶ ھ سال تصنيف
13	ليليٰ و مجنون	تجلي	نقش اول ۱۱۹۹ھ ۽ نقش آخر ۱۲۰۷ھ
14	ليليٰ و مجنون	هوس لکنوي	سال تصنيف ۱۲۱۲ھ ۽ ۱۲۲۲ھ جي وچ ۾
15	ليليٰ و مجنون	اعظم الدوله سرور دهلوي	
16	ليليٰ و مجنون	دلير	سال 1830ع کان اڳ تصنيف ٿيل آهي.
17	ليليٰ و مجنون	عظيم دهلوي	بحواله خطبہ 1854ع ازگارسان دتاسي
18	ليليٰ و مجنون	ولا	بحواله خطبہ 1854ع ازگارسان دتاسي
19	ليليٰ و مجنون	–	نثر ۾ داستان مخزونہ عثمانيہ يونيورسٽي، ارڙهين صدي عيسوي جي اڳياڙين ۾ ڇپيل
20	ليليٰ و مجنون	حيدر بخش حيدري	نثر ۾ تصنيف سال ۱۲۱۵ھ
21	ليليٰ و مجنون	نظير	نظم مسمط جي صنف معشر ۾
22	باغ عشق	بيرني نرائڻ جهان	نثر ۾ تصنيف جو سال 1824ع
23	ليليٰ و مجنون	شمس لکنوي	نثر ۾ تصنيف ابوالفضل محمد تصدق حسين خان ڇپيل سال 1927ع
24	ليليٰ و مجنون	نسروان جي	ڊرامہ



		مهُران جي آرام	
25	ليليٰ و مجنون عرف پاڪ محبت	نسروان جي	ڊرامہ
26	ليليٰ و مجنون	رونق بنارسي	1879ع ڊرامہ
27	سوانح قيس مفتون عرف ليليٰ و مجنون	حافظ عبدالله	ڊرامہ 1885ع
28	مرقع ليليٰ و مجنون	مرزا هادي رسوا	ڊرامہ 1887ع
29	فسانہء محزون عرف ليليٰ و مجنون	نادر سر ڏنوي	محمد نادر حسين صديقي، ڊرامہ
30	ليليٰ و مجنون	دل لکنوي	ڊرامہ از محمد عزيز احمد خان
31	ليليٰ و مجنون	نشتر لکنوي	ڊرامہ 1931ع
32	ليليٰ و مجنون	تصدق عظيم آبادي	ڊرامہ نگار تصدق حسين
33	ليليٰ و مجنون	رياض دهلوي	ڊرامہ نگار رياض الدين احمد
34	ليليٰ و مجنون	صادق سرڏنوي	ڊرامہ
35	ليليٰ و مجنون	شري ڪرشن ڪتري	ڊرامہ 1960ع
نوٽ: ماخذ: ’اردو کي نثري داستانين‘. مصنف پروفيسر گيان چند مطبوعہ قومي ڪونسل برائي اردو زبان نئي دهلي 2002ع			
36	ليليٰ و مجنون	شيخ احمد گجراتي	محمد قلي قطب شاه جي دربار ۾ هن بہ مثنويون پيش ڪيون. ليليٰ مجنون جنهن جي مخطوط جا ۴۹ منتشر ورق پروفيسر محمود شيراني




			کي مليا ۾ بہ ’مثنوي يوسف زليخا‘ ڊاڪٽر جميل جالبي کي مليو جنهن جا پوٽا چار هزار شعر آهن. اها مثنوي مڪمل آهي.
37	ليلي و مجنون	محمد بن احمد عاجز	ليلي مجنون مثنوي (۱۰۴۶هـ/1636ع) جو بنياد هاتفي جي مثنوي تي رکيل پر عاجز اُنجو لفظي ترجمہ نہ ڪيو آهي.هاتفي فارسي مثنوي جي روايت مطابق تفصيل کان ڪم ورتو آهي جڏهن تہ عاجز اُن کي حسب ضرورت مختصر ڪيو آهي. مثنوي ۾ ۱۶۴۱۸ شعر آهن.
ماخذ: تاريخ ادب اردو جلد اول مصنف ڊاڪٽر جميل جالبي مطبوعہ مجلس ترقي ادب لاهور			
مغل بادشاه			
55	غزل	بابر بادشاهہ	ظهير الدين محمد بابر بادشاه ۶ محرم ۸۸۸هـ جي ڄائو ۽ ۶ جمادي الاول ۹۳۷هـ جي فوت ٿيو. هن جي ڄم جو ماده تاريخ (شش محرم) ۽ وفات گفتش: فردوس دايم جاي بابر بادشاه بابر رسيد نالہ زارت، بگوش يار مجنون وقوف يافت کہ ليلی درين ني است
56	ايضاً	همايون بادشاه	محمد همايون بادشاهہ بن



			بابر پادشاه ولادت ۴ ذيقعد ۹۱۳هـ ۽ وفات ۱۵ ربيع الاول ۹۶۳ هـ تا حُسن تو در جلوه گري گشت، ازان رو وامق پي عذرا شد و مجنون پي ليلي
57	ايضاً	محمد عسکري مرزا	محمد عسکري مرزا بن بابر پادشاه سال ۹۶۵ هـ جي حج تي ويندي شام کان ڪجهه منزلون مڪ ڏانهن طئي ڪيائين ته روح پرواز ڪري ويس. کيس سندس ڀاءُ ڪامران پادشاه جي پرسان مڪ ۾ دفن ڪيو ويو. مجنون چو نظر کرد سوی ناقه ليلیٰ از ديدن او، کرد فراموش الم را
ماخذ: ڪتاب 'روضة السلاطين و جواهر العجائب' (تعليقات ص ۱۸۵) تاليف سلطان محمد فخريبن محمد امير هروي تصحيح و تحشيه سيد حسام الدين راشدي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۸ع.			
38	ناول	عبدالحليم شرر	ليلي و مجنون جو قصو شاعري جي ميدان مان نڪري ڊرامه ۽ ناول نگاري تائين پهتو. ناول قيس و لبنيٰ سال 1910ع ۾ دلگداز پريس لکنو مان شايع ٿيو. مصنف قيس جي قصه کي بيان ڪندي ص 81 تي بني عذره وٽ گفتگو لاءِ پهچي حضرت امام حسين عليه السلام قيس کي (نعوذ بالله) پنهنجو رضاعي ڀاءُ ڄاڻايو آهي ۽ پوءِ حسب




			عادت و فطرت آل رسول ﷺ جي شان ۾ ويو آهي گستاخي ڪندو (لعنت الله عليہ) ۽ قصہ کي اجايو طول ڏئي 248 صفحن تي ختم ڪيو اٿس. ناول اردو زبان ۾ آهي اول کان آخر تائين ناول بي مزه آهي.
39	چشم ليليٰ	ايم اسلم	اردو جي مشهور معروف ناول نگار جو هي ناول منهنجي والد بزرگوار مرزا حامد علي بيگ مرحوم جو پسنديده ناول هو جيڪو ڪيس ناول نگار پنهنجي دستخط سان موڪليو. ڪافي تلاش جي باوجود ناول دستياب نہ ٿي سگهيو آهي. ان ڪري خيال آرائي ڪرڻ کان عاجز آهيان.
40	ليليٰ و مجنون	فلم (اردو زبان ۾)	سال 1936ع ۾ هي فلم حيدرآباد ۾ هلائڻ لاءِ آندي وئي. فلم جو هيرو 'نثار' هو ۽ هيروئن 'مِس ڪجن' انهن ڏهاڙن ۾ فلم هلائڻ جي پاس /اجازت نامہ حيدرآباد جو سٽي ميجسٽريٽ ڏيندو هو. قاعدي مطابق هيرو 'نثار' اجازت نامہ لاءِ عدالت ۾ آيو جتي مرزا علي محمد بيگ (راقم جو نانو) سر شتيدار هو



جنهن جي معاونت سان اجازت نامہ جاري ٿيو. هي فلم ڪافي عرصو حيدرآباد جي مدن سينيما ۾ هلي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ مدن سينيما شمس سينيما جو روپ ورتو. اسٽيشن روڊ تي هن سينيما جو اوج هو. اڄ ان جا آثار بہ مٽجي چُڪا آهن. هن فلم جو مشهور گانو هو. لیلیٰ لیلیٰ پکاروں میں بن میں لیلیٰ موری ہے مورے من میں بس اهو ئي گانو هو جنهن کي ٻُڌي فلم ڏسندڙ اوچنگارون ڏئي رئيندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اردو ۽ پنجابي زبانن ۾ فلم ليليٰ مجنون هلي پر 'عمر مارئي' جهڙي شهرت ڪانہ ٿي. فلم 'عمر مارئي' جا گانا تمام پرسوز هئا. فلم جو هيرو سيد حسين شاه فاضلاڻي هو.			

اضافو:

هيءُ ڪتاب ڪمپوز ٿي تقريباً تيار ٿي چڪو هو جو اسان کي مطالعي دوران سنڌيءَ ۾ لکيل 'قصہ ليليٰ مجنون' متعلق هيٺيون مواد مليو جيڪو ناظرين لاءِ عرض رکجي ٿو:



- ليليٰ مجنون (نظم) آخوند فقير محمد 'عاجز' (1846 _ 16 جنوري 1918ع) بحوالہ اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر، ٻياڱو ڀيو ص 50_149 انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامر شورو 1984ع.
- ليليٰ مجنون (ڏوهيڙن ۾) سيد حيدر شاھ حيدرآبادي (بحوالہ ايضا، ص 64).

هير رانجهو


هي هڪ عشقيہ داستان آهي۔جنهن جو مرڪزي ڪردار هير آهي جيڪا هاٽوڪي پنجاب جي شهر جهنگ ۽ مظفر ڳڙهہ سان تعلق رکي ٿي، هير رانجهو جي عشق جو قصو جنهن پهرين بيان ڪيو آهي سو جهنگ شهر جو شاعر دامودر آهي۔جنهن جو چوڻ آهي تہ هو هن واقعي جو اکين ڏٺو شاهد آهي۔هِنَ پنهنجي تحرير ۾ بڪرمي سنبت جو سال 1569 ڄاڻايو آهي جيڪو 1512ع جي مطابق ٻيهي ٿو.

دامودر جي لکت کانپوءِ پنجاب جي ٻين شاعرن بہ هن قصہ ڏانهن ڌيان ڏنو جن مان وارث شاهہ جي ١١٨٠هہ/1776ع ۾ چيل "هير" کي وڏيڪ مشهوري حاصل ٿي۔اِها حقيقت آهي تہ جڏهن بہ انهيءَ قسم جا داستان مختلف زبانن ۾ نظم يا نثر جي صورت وٺن ٿا تہ ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين هونديون آهن جن ۾ اختلاف پيدا ٿيندا آهن. اهڙائي اختلاف هير رانجهو جي واقعي ۾ پڻ رونُما ٿيا آهن۔ هي داستان فقط ايترو آهي تہ لاهور جي شهر هزاره جو حاڪم مهمان نوازي ۽ احسان جو عادي هو. جنهن کي چار پُٽَ هُئا جِن مان چوٿون رانجهڻ هو۔ هِڪَ رات هُن وٽ هڪ مسافر مهمان ٿي پهتو. جنهن پنهنجي سفر جا حالات ٻڌائيندي جهنگ شهر جي حاڪم جي ڌيءَ جي حُسن جي تعريف ڪئي



جنهن جو نالو هير هو۔ تڏهن هير جي حسن جي خبر رانجهو جي ڪَن پَئي تہ عشق جي غم ۾ هوش وڃائي ويهي رهيو. آخر پيءُ جي وفات ڪانپوءِ پنهنجو مُلڪ ڇڏي چناب ندي جي ڪناري اُڇايو پهتو۔ پاڻ کي دريا جي موجن جي حوالي ٿي ڪيائين تہ هير جي ٻيڙيءَ جي ملاح جو پريان هي لقاءُ ڏٺو تہ هِنَ ڏانهن ٻيڙي ڇڪي آيو ۽ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيائينس. ٻيڙي هير لاءِ سينگاريل هئي رانجهو غش ٿيو پيو هو۔ ڪنهن کي هِنَ جي نالي نيشان جي خبر ڪانہ هُئي. ملاح جي گهر واري هير وٽ پُهتي ۽ ڏڪندي ڏڪندي ڪيس ٻيڙيءَ ۾ سُتَل جوان بابت ٻڌايائين۔ هير غضبناڪ ٿي ٻيڙيءَ تي پهتي پَرَ جيئن ئي رانجهو جي مُنهن تي نگاه پيس دل هٿن مان نڪري ويس۔ پاڻوه سان رانجهو کي جاڳائي اهڙي حالت بابت معلوم ڪيائينس۔ وراڻيئين تہ عشق جي آزار وڪوڙيو آهي. هير داستان ٻڌي چيس غم نہ ڪر نہ پنهنجي جان وڃاءِ. پوءِ رانجهو کي هير پنهنجي ماءُ وٽ وٺي آئي جنهن هن کي وٿاڻ ۾ مال چارڻ ڌڙ ڪري رکيو۔ هير ۽ رانجهو جي هڪ ٻي سان محبت لڪي نہ سگهي آخرڪار حاسدن هن کي قيد ڪيو. قيد مان جان ڇڏائي رانجهو وٽ پهتي تہ وري گرفتار ٿي سخت قيد ۾ پئجي وئي۔ اِنهن رقيبن رانجهو جي قتل تي ڪمر ٻڌي ۽ ڏاڍو زخمي ڪيائونس هو رانجهو کي تہ ڪجهہ نہ ڪري سگهيا مورڳو حسد وچان پاڻ ئي زخمي ٿي پيا.

شهر ۾ ايها خبر جهنگ جي باه وانگر پکڙجي هير جي ماءُ ۽ پيءُ تائين پُهتي۔ هير جي ماءُ ۽ پيءُ ڄاتو تہ رانجهو پاڻ پاڪباز ۽ صاحب عرفان آهي۔ پوءِ ٻنهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هنن ٻنهي جي شادي ڪرائجي. هِنَ صلاح کي ٻڌندي هير جا ڀائر جوش ۾ ڀرجي ويا. حالانڪ رانجهو جي ڪرامت اکين سان ڏسي چڪا هُئا۔ هِنَ ڪار خير کان پيءُ کي منع ڪيائون ۽ ٻي چال ائين چلڻ لڳا جو رنگپور ڏانهن قاصد کي روانو ڪيائون تہ نورنگ سان هير جو نڪاح ٿي. نورنگ شاديءَ جي لاءِ چناب جي ڪناري وَهان



وڳن سوڌو پهتو. نڪاح مهل جڏهن قاضيءَ هير کان مرضي معلوم
ڪئي تہ هير وراڻيو تہ آگاهہ ٿي، آئون رانجهو جي ملڪيت
آهيان ۽ ايهو شريعت ۾ جائز ناهي تہ هڪ عورت جا بہ شوهر
هجن هڪڙي مِياڻ ۾ بہ تلوارون ڪيئن ٿيون اَچي سگهن- مگر
حاسدن مان هڪ وڪيل ۽ ٻن شاهدن ڪوڙي گواهي ڏني جنهن
ڪري شاديءَ جون رسمون اَدا ڪري ڪنوار گهوٽ جي حوالي
ٿي-ڪنواريتن جيڪو ڪافي مال متاع ڏنو هو اُن ۾ چوپايہ
جانور بہ هُئا جيڪي رانجهو سان ريجهل ها اُهي ٻين سان نہ پيا
وڃن اَنَ ڪري رانجهو کي بہ گڏ موڪليو ويو- منزل تي پڇي
نورنگ چاهيو تہ هير کي هَٿ لائي تہ اوچتو هيبتناڪ آواز ٿيو تہ
ديو همسر نہ ٿو ٿي سگهي غيرت حوران حور نظير هير سان. اِهو
آواز ٻُڌي نورنگ جا هوش خطا ٿي ويا ۽ هو قالين جي نقش وانگر
بيحس وحرڪت ٿي پيو. وطن پهتو مبارڪون ورتائين مگر
وصل جي غم کان دل چاڪ چاڪ هيس. رنگپور ۾ ڪڏهن
ڪڏهن سير لاءِ هير ٻاهر ايندي هئي ۽ لِڪَ ۾ ٻنهي عاشق معشوق
جي ملاقات ٿيندي رهي نيٺ ايهو راز بہ کُلي پيو تہ خنجر ناز جي
ڪُنل کي کُهَڻ لاءِ نورنگ تيار ٿيو. اِيها خبر پوندي ئي هير
رانجهو کي لِڪَ چُپَ ۾ پيغام موڪليو تہ هِنَ شهر مان هليو وڃ.
رانجهو هير جو چيو مڃي دربدري وڏي عرصي تائين قبول ڪندو
رهيو. آخرڪار هير رانجهو ڏانهن رواني ٿي ۽ خفيہ پيغام
پهچائيندڙ کي بہ روانو ڪيائين. پيغام ۾ لکيائين تہ اِي منهنجي
زخم عشق جاگهايل جوڳين وارو لباس پهري طبيب ۽ ڦيٽو رکڻ
وارو بنجي آءُ قاصد پهتو ۽ معشوق جو خط عاشق جي حوالي
ڪيائين. رانجهو ڳيڙوان ڪپڙا پهري، معشوق جي شهر ۾ جاءِ
مسواڙ تي وَٺي اَچي رهيو. طِب ۽ تعويذ ۾ مشهور ٿي ويو. اتفاق
سان هير جي پير ۾ ڪنڊو چڀي ويو مگر هير هُلايو تہ نانگ ڏنگيو
اٿم-ماڻهن نورنگ کي جوڳيءَ (رانجهو) جو ڏس ڏنو-جوڳيءَ
ڏانهن هير کي نورنگ وَٺي نڪتو جوڳي مريض کي تپاسي چيو



